# ٻارن لاءِ بائبل
## تحفو



# سمسون، خُدا جو مضبوط انسان

گھڻو وقت اڳ، بني اسرائيل ۾، منوحه نالي هڪ شخص رهندو هو. ڪيس ۽ سندس زال کي ڪو اولاد ڪونه هو. هڪ ڏينهن خُدا جو فرشتو منوحه جي زال کي ظاهر ٿيو. "توکي هڪ تمام خاص ٻار هوندو،" هن چيو.





لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Lyn Doerksen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڇاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي، جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



هن پنهنجي مڙس کي عجيب خبر ٻڌائي. منوحہ دعا ڪئي،
"اي منهنجا خُداوند، اسان وٽ وري اچو، اسان کي سيکاريو
ته ٻار لاءِ ڇا ڪريون."

3




فرشتي منوحه کي چيو ته ٻار کي ڪڏهن
به پنهنجا وار نه ڪٽڻ گهرجن، ڪڏهن
به شراب نه پيئڻ گهرجي، ۽ ڪڏهن به
ناپاڪ کاڌو نه کائڻ گهرجي. خُدا هن ٻار
کي مُنصف طور چونڊيو آهي. هو اسرائيل
جي اڳواٽي ڪندو.

4



خُدا جي ماڻهن کي ضرور
مدد جي ضرورت هئي. انهن
خُدا کي پنهنجي زندگي مان ڪڍي ڇڏيو،
۽ پوءِ انهن جي دشمنن، فلستين جي طرفان هنن تي بدمعاشي
ڪئي وئي. پر جڏهن انهن دعا ڪئي ته خُدا ٻڌو. هن ٻار کي
موڪليو جيڪو دنيا جو طاقتور ترين انسان بڻجي ويو هو.

5



"پوءِ عورت هڪڙو پٽ
ڄاتو ۽ سندس نالو
سمسون رکيو: ۽ ٻار وڌو
ٿيو، ۽ خُداوند کيس
برڪت ڏني، ۽ خُداوند
جو روح مٿس هلڻ لڳو."
سمسون ڏاڍو مضبوط ٿيو.
هڪ ڏينهن هن پنهنجي
هٿن سان هڪ نوجوان
شينهن سان وڙهندي، ان
کي ماري ڇڏيو!

6



بعد ۾، سمسون ماکيءَ جي ڍير
مان ماکيءَ جو مزو چکيو، جيڪو
شينهن جي مئل جسم ۾ اڏيل هو. هُن هڪ
ڳجهارت ڪئي: "کائيندڙ مان کائڻ لاءِ ڪا
شيءِ آئي ۽ مضبوط مان ڪا مٺي شيءِ آئي."

7



ڪو به ان جي معني جو اندازو
لڳائي نه سگهيو - پر سمسون جي
نئين زال، هڪ فلستي، پنهنجي
دوستن کي ٻڌاي ڇڏيو. ان ڳالهه تي
سمسون ڏاڍو ناراض ٿيو.

8

سمسون اڃا به وڌيڪ ناراض ٿيو جڏهن فلستين هن جي زال کي پنهنجي بهترين دوست جي زال ڪرڻ لاءِ ڏنو. هن انتقام جي رٿابندي ڪئي. پر ڪيئن؟ پهرين، سمسون 300 لومڙي کي پڪڙيو. پوءِ هن انهن جي پُڇين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو، ۽ انهن جي وچ ۾ ٻرندڙ مشعل رکيين.



9

پوءِ سمسون لومڙين کي فلستين جي فصل ٻيٽل ٻنيءَ ۾ ڇڏي ڏاريو.



10

هاڻي فلستين بدلو وٺڻ چاهيندا هئا. سمسون پاڻ کي پڪڙايو، هن کي ٻڌيو ويو ۽ فلستين جي هٿان قتل ڪرڻ لاءِ هنن جي حوالي ڪيو ويو.



11

پر خُداوند جو روح سمسون تي آيو. هن رسين کي ٽوڙي ڇڏيو، مئل گڏهه مان تازو جبڙو ڪڍيو ۽ هزار دشمنن کي ماري وڌو.



12

فلستين جي ڳولا ڪندڙ لشڪر سمسون کي ڳولي رهيا هئا. هڪڙي رات، هنن ڪيس شهر ۾ ڦاسايو ۽ شهر جا دروازا بند ڪري ڇڏيا. پر سمسون شهر جا دروازا پنهنجي ڪلهن تي کڻي ٻاهر نڪري ويو.



13

پر سمسون خُدا کي ناڪام ڪيو. خُدا ڪيس طاقت ڏني جيستائين هن خُدا جي فرمانبرداري ڪئي. هڪ ڏينهن، سمسون پنهنجي طاقت جو راز ڊيليلا سان بيان ڪيو، هي هڪ خوبصورت فلستيني جاسوس هئي. هن سمسون جي ننڊ ۾ هڪ ماڻهوءَ کان هن جا وار ڪٽايا هئا.



14



پوءِ فلستين سپاهين سمسون تي دليله جي
ڪمري ۾ حملو ڪيو. سمسون سخت
وڙهيو - پر سندس طاقت ختم ٿي
وئي هئي. سندس دشمنن سندس
اکيون ڪڍي ڇڏيون. انڌو ۽
ڪمزور، سمسون فلستين جو
غلام بڻجي ويو. اهي ڪلڻ
لڳا ۽ خُدا جي ٻانهن کي
ٺٺوليون ڪيون.

15



فلستين جي ضيافت هئي.
هنن پنهنجي مڇيءَ جي
ديوتا، ديگن جي ساراهه
ڪئي، جنهن لاءِ سمسون
کي سندن هٿن ۾ ڏنو ويو.
انهن ڊگن جي مندر ۾
ميءِ پيتو ۽ خوشي
ڪئي. پوءِ انهن سامسون
کي سڏ ڪيو ته هو انهن
لاءِ تماشو ڪري.

16

ھڪڙو ڇوڪرو سمسون کي وٺي آيو، ۽ هن کي هيڪل جي
ٿنڀن تي ٽيڪ ڏياريو. ڇت تي 3000 فلستيني ۽ مندر ۾ گھڻا
وڌيڪ هئا، سڀئي مٿس ٺٺوليون ڪندا هئا. پر جيل ۾ سمسون
جا وار وڌڻ لڳا
هئياء. هاڻي هن
دعا ڪئي، "اي
خُداوند خُدا، مون
کي صرف هڪ
ڀيرو مضبوط
ڪر، ته مان
پنهنجي ٻن اکين
جو بدلو وٺان."



17

ڇا خُدا سمسون کي ٻيهر طاقت
ڏيندو؟ ڇا سمسون ناممڪن ڪم
ڪري سگھي ٿو؟ ها! ها! سختي
۽ ڇڪڻ، سمسون زبردست ٿنڀن
کي ڌار ڪري ڇڏيو. ڊگن
جو مندر تباهه ٿي ويو،
هزارين فلستينين
کي مارينڊي
سمسون به
هلاڪ ٿي ويو.



18

سمسون، خُدا جو مضبوط انسان

خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

قاضين 13-16

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130

19




14 60

20

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.